اَلْحَمْدُ لِلّٰہِ رَبِّ الْعٰلَمِیْنَ وَالصَّلٰوۃُ وَالسَّلَامُ عَلٰی سَیِّدِ الْمُرْسَلِیْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰہِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ ؕ



حج و عمرہ

اوقاتِ نماز

مکتبۃ المدینہ
MAKTABA TUL MADINAH
MC 1288

عُمري جي نيّت

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡۤ اُرِيۡدُ الۡعُمۡرَةَ ط فَيَسِّرۡهَالِیۡ وَتَقَبَّلۡهَا مِنِّیۡ ط
وَاَعِنِّیۡ عَلَيۡهَا وَبَارِكۡ لِیۡ فِيۡهَا نَوَيۡتُ الۡعُمۡرَةَ
وَاَحۡرَمۡتُ بِهَالِلّٰهِ تَعَالٰى

اي الله عَزَّوَجَلَّ مان عمري جو ارادو ڪريان ٿو، منهنجي لاءِ هن ڪي آسان ڪر ۽ ان ڪي منهنجي طرفان قبول فرماءِ، ۽ ان جي (ادا ڪرڻ ۾) منهنجي مدد فرما ۽ ان ڪي منهنجي لاءِ بابرڪت بڻاءِ، مون عمري جي نيت ڪئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ان جو اِحرام ٻڌو.

ننهن ڪٽي، بغل ۽ دن کان هيٺ جا وار ڪوڙي، غسل کان پوءِ اسلامي پائر احرام ٻڌن ۽ اسلامي پينرون دستور مطابق لباس پائي رکن، عطر لڳائن، مڪروه وقت نه هجي تہ احرام جا ٻہ نفل ادا ڪن. اسلامي پائر مٿو اگهاڙو ڪن. اسلامي پينرون منهن نہ ڍڪين، عمري جي نيّت ڪري پوءِ ٿي پيرا لَبَّيۡكَ پڙهن.

لَبَّيۡكَ ط اَللّٰهُمَّ لَبَّيۡكَ ط لَبَّيۡكَ لَا شَرِيۡكَ
لَكَ لَبَّيۡكَ ط اِنَّ الۡحَمۡدَ وَالنِّعۡمَةَ لَكَ
وَالۡمُلۡكَ ط لَا شَرِيۡكَ لَكَ ط

مان حاضر آهيان، اي الله مان حاضر آهيان، (ها) مان حاضر آهيان، تنهنجو ڪو شريڪ ناهي، مان حاضر آهيان، بيشڪ تمام خوبيون ۽ نعمتون تنهنجي لاءِ آهن ۽ ملڪ ۾ تنهنجو ئي آهي، تنهنجو ڪو شريڪ ناهي.

طواف جي نيّت

اسلامي ڀائر ساڃو ڪلهو ڪليل رڪن، ڪعبي شريف ڏانهن چهرو ڪندي، رُڪن يماني ڏانهن حَجَرِ اَسْوَد جي ويجهو اهڙي طرح بيهو جو پورو حَجَرِ اَسْوَد اوهان جي ساڃي پاسي رهي، هاڻي طواف جي هن طرح نيّت ڪريو:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡۤ اُرِیۡدُ طَوَافَ بَیۡتِکَ الۡحَرَامِ فَیَسِّرۡهُ لِیۡ وَتَقَبَّلۡهُ مِنِّیۡ ؕ

اي الله عَزَّوَجَلَّ! مان تنهنجي محترم گهر جي طواف ڪرڻ جو ارادو ڪريان ٿو، ان کي منهنجي لاءِ آسان فرماءِ، ۽ ان کي منهنجي طرفان قبول فرماءِ.

هاڻي ڪعبي ڏانهن منهن ڪري پنهنجي ساڃي پاسي ٿورو هلي حَجَرِ اَسْوَد جي بالڪل سامهون اچي وجو، پنهي هٿن جون تريون اهڙي طرح ڪنن تائين کڻو جو حَجَرِ اَسْوَد جي طرف رهن ۽ پڙهو:

بِسۡمِ اللّٰهِ وَالۡحَمۡدُ لِلّٰهِ وَاللّٰهُ اَکۡبَرُ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰی رَسُوۡلِ اللّٰهِ ؕ

الله عَزَّوَجَلَّ جي نالي سان ۽ سيئي خوبيون الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ آهن ۽ الله عَزَّوَجَلَّ سڀ کان وڏو آهي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي رسول صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي دُرود ۽ سلام هجن.

۽ حَجَرِ اَسْوَد جو اِستِلام ڪريو، پوءِ هڪدم ساڃي هٿ واري پاسي اهڙي طرح مڙو جو ڪعبو شريف اوهان جي ڪابي هٿ ڏانهن رهي، اسلامي ڀائر پهرين ٽن ڦيرن ۾ "رَمل" ڪندي، يعني جلدي جلدي ننڍا قدم کڻندي، ڪلها لوڏيندي هلن، رڪنِ اَسْوَد تي هڪ ڦيرو پورو ٿيو. وري پهريان وانگر اِسْتِلام ڪريو،

هاڻي نيّت جي ضرورت ناهي. ٽن ڦيرن کان پوءِ اسلامي پائر وچڑي چال سان طواف ڪن، ست ڦيرا مڪمل ڪرڻ کان پوءِ انين پيري استلام ڪريو. هاڻي ساجو ڪلهو ڏکي ڇڏيو، هر طواف ۾ ست ڦيرا ۾ اِسْتِلام اَٺ (8) هوندا آهن، هاڻي جيڪڏهن مڪروه وقت نه هجي ته هينئر، نه ته بعد ۾ مسجد الحرام ۾ به رڪعتون نماز واجبُ الطَّواف ادا ڪريو، پوءِ مُلتزَم وٽ دعا گهرو. ان کان پوءِ قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي زم زم شريف پيئو.

سعي

پهريان وانگر ئي نائين پيري استلام ڪريو. صفا شريف جي ماربل لڳل حصي تي ٿورو مٿي چڙهو ته جيئن ڪعبو شريف نظر اچي، قبلي ڏانهن منهن ڪري بيهي، هٿ کڻي دعا گهرو، پوءِ سعي جي نيّت ڪريو جو اها مُستَحَب آهي، بنا نيّت جي به سعي درست آهي، سبز ميلن جي وچ ۾ اسلامي پائر ڊوڙن، مروَه اچي ويو! هڪ ڦيرو پورو ٿيو. چيڪ ٽائيل جي هيٺ قبلي ڏانهن منهن ڪري، بيهي پهريان وانگر دعا گهرو، نيّت جي ضرورت ناهي. اهڙي طرح هلندي ڊوڙندي ستون ڦيرو مروَه تي ختم ٿيندو. "جديد مَسْعيٰ" جي بدران ٽهه خاني ۾ سعِي ڪريو، هاڻي حلق يا تقصير ڪرايو، تقصير ۾ چوٿائي وارن مان گهٽ ۾ گهٽ آڱر جي هڪ پور (يعني آڱر جي هڪ حصي) جيترا ڪٽجڻ ضروري آهن، قينچيءَ سان ٻن ٽن جڳهن تان ڪجهه وار ڪترائڻ سان اِحرام جون پابنديون ختم نه ٿينديون. اسلامي ڀينرون صرف تقصير ڪرائن، عمرو پورو ٿي ويو. حجِ تَمَتُّع ڪرڻ وارا حلق يا تقصير کان پوءِ احرام مان فارغ ٿي ويا، پر حج "اِفراد" ۽ "قِران" وارا حلق، تقصير هينئر نٿا ڪري سگهن، انهن کي انهيءَ اِحرام سان حج ادا ڪرڻو آهي، اِفراد وارن جي لاءِ اهو طواف "طوافِ قدوم" ٿيو، قِران وارا هن کان پوءِ طوافِ قدوم جي نيّت سان هڪ ٻيو طواف ۽ سعي ادا ڪن.

حج جي نيّت

اَللّٰهُمَّ اِنِّیۡۤ اُرِيۡدُ الۡحَجَّ فَيَسِّرۡهُ لِیۡ وَتَقَبَّلۡهُ مِنِّیۡ ط وَاَعِنِّیۡ عَلَيۡهِ وَبَارِكۡ لِیۡ فِيۡهِ ط نَوَيۡتُ الۡحَجَّ وَاَحۡرَمۡتُ بِهٖ لِلّٰهِ تَعَالٰی

اي الله عَزَّوَجَلَّ مان حج جو ارادو ڪريان ٿو، تون ان کي منهنجي لاءِ آسان فرما ۽ ان کي منهنجي طرفان قبول فرما، ۽ ان ۾ منهنجي مدد فرما ۽ ان کي منهنجي لاءِ بابرڪت بڻاءِ، مون حج جي نيّت ڪئي ۽ الله عَزَّوَجَلَّ جي لاءِ ان جو احرام ٻڌو.

حج جو پهريون ڏينهن

8 ذوالحِجّہ تي احرام ٻڌي، حج جي نيّت ۽ لَبَّيۡک پڙهو، هاڻي حج تمتُّع وارا چاهين تہ هڪ نفلي طواف ۾ حج جي رمل ۽ سعي ڪن فارغ ٿي وڃن، نہ تہ طواف الزِّياره ۾ حج جو رمل ۽ سعي ڪن ۽ انهي ۾ آساني آهي، مِنيٰ شريف ڏانهن روانگي، انين جو نماز ظهر ڪان نائين جي فجر، پنجئي نمازون مِنيٰ ۾ ادا ڪرڻ سنّت آهي.

حج جو ٻيون ڏينهن

9 ذوالحِجّہ تي عرفات ڏانهن روانگي، منجهند ڪان پوءِ وقوفِ عرفات، سج لهڻ ڪان پوءِ نماز مغرب پڙهڻ بغير مزدلفہ ڏانهن روانگي، مزدلفہ ۾ عشاء جي وقت ۾ مغرب ۽ عشاء ملائي پڙهڻ، رمي جي لاءِ 49 ڪان ڪجهہ وڌيڪ پٿريون ڪٺ. ڏهين جو صبح صادق ڪان پوءِ مزدلفہ جو وقوف، فجر نماز ڪان پوءِ مِنيٰ شريف روانگي.

حج جو ٽيون ڏينهن

10 ذوالحجہ تي سج اپرڻ کان پوءِ صرف وڏي شيطان کي ست پٿريون هڻڻ، پوءِ قرباني ڪرڻ (ٿوڪن هرگز نہ خريد ڪيو) پوءِ حلق يا تقصير پوءِ طوافُ الزّيارة.

حج جو چوٿون ڏينهن

11 ذوالحجہ تي ظهر جو وقت شروع ٿيڻ کان پوءِ پهرين ننڍي پوءِ وچين پوءِ وڏي شيطان کي رمي ڪرڻ، رات مِنيٰ شريف ۾ قيام.

حج جو پنجون ڏينهن

12 ذوالحجہ تي ظهر جو وقت شروع ٿيڻ کان پوءِ يارهين ذوالحِجہ وانگر ٽنهي شيطانن کي رمي ڪرڻ، جيڪڏهن 13 جي رمي نہ ڪرڻي هجي تہ سج لهڻ کان پهرين مِنيٰ جي حدن مان نڪري وجو، اسلامي پينرن کي بہ ٽئي ڏينهن پنهنجي هٿ سان رمي ڪرڻ واجب آهي ۽ واجب ترڪ ڪرڻ سبب دم واجب ٿيندو، جيڪڏهن ڪنهن اجا تائين طواف الزِّيارة نہ ڪيو هجي تہ بارهين جي سج لهڻ کان پهريان ڪري وڃي.

هي ڪارڊ ناڪافي آهي، **رفيق الحرمين** جو مطالعو ڪريو.

پوءِ انهي ڪارڊ جي ذريعي مَناسِکِ حج (حج جا احڪام) ادا ڪريو

روضءِ رسول صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي حاضري

مسجد نبوي عَلٰي صاحِبِهَا الصَّلٰوةُ وَالسَّلَام جي دروازي مبارڪ تي بيهي، اجازت جي نيّت سان عرض ڪيو:

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْ لَ اللهِ

سونهري جارين جي سامهون وڏي سوراخ ۽ ۾ ننڍن سوراخن جي وچ ۾ دروازي مبارڪ جي اوپر پاسي لڳل چانديءَ جي ڪِليَن جي سِڌائي ۾ گهٽ ۾ گهٽ ٻه گز پري بيهي نماز وانگر هٿ ٻڌي سرڪار مدينه صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن جي بارگاهه ۾ وڇڙي آواز ۾ هنن لفظن سان صلوٰة ۽ سلام عرض ڪريو:

اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللهِ وَبَرَكَاتُه، اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَارَسُوْلَ اللهِ، اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا خَيْرَ خَلْقِ اللهِ، اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا شَفِيْعَ الْمُذْنِبِيْنَ ، اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحَابِكَ وَاُمَّتِكَ اَجْمَعِيْنَ ط

اي نبي (صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم) **اوهان تي سلام ۽ الله** عَزَّوَجَلَّ **جي رحمت ۽ برڪتون، اي الله** عَزَّوَجَلَّ **جا رسول** صَلَّى اللهُ تَعَالٰى عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم **اوهان تي سلام، اي الله** عَزَّوَجَلَّ **جي سموري مخلوق کان بهتر اوهان تي سلام، اي گناهگارن جي شفاعت ڪرڻ وارا، اوهان تي سلام . اوهان تي، اوهان جي آل ۽ اصحابن تي ۽ اوهان جي سڄي اُمّت تي سلام .**

دعا جي لاءِ سونهري جارين کي هر گز پُٺ نه ڪريو.

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اوقات نماز، سحر، افطار مكة المكرمہ پر پاسي واسطي

(مِنيٰ مزدلفہ عرفات)

OCTOBER — اکتوبر

تاريخ	ختر سحري/فجر	طلوع آفتاب	ضحوۂ کبریٰ	ظهر	عصر	افطار/مغرب	عشاء
DATE	FAJR	SUNRISE	D.KUBRA	ZOHR	ASR (H)	MAGHRIB	ISHA
1	4:57:39	6:09:28	11:32:55	12:10:46	4:30:40	6:11:13	7:22:59
2	4:57:56	6:09:45	11:32:36	12:10:27	4:29:55	6:10:18	7:22:03
3	4:58:13	6:10:03	11:32:17	12:10:08	4:29:11	6:09:22	7:21:08
4	4:58:31	6:10:20	11:31:58	12:09:49	4:28:27	6:08:27	7:20:14
5	4:58:48	6:10:38	11:31:39	12:09:31	4:27:42	6:07:33	7:19:20
6	4:59:05	6:10:57	11:31:21	12:09:13	4:26:58	6:06:39	7:18:26
7	4:59:23	6:11:15	11:31:03	12:08:55	4:26:14	6:05:45	7:17:34
8	4:59:41	6:11:34	11:30:45	12:08:38	4:25:31	6:04:52	7:16:42
9	4:59:59	6:11:53	11:30:28	12:08:21	4:24:47	6:03:59	7:15:51
10	5:00:16	6:12:13	11:30:10	12:08:05	4:24:04	6:03:07	7:15:01
11	5:00:34	6:12:33	11:29:54	12:07:49	4:23:21	6:02:15	7:14:11
12	5:00:52	6:12:53	11:29:37	12:07:33	4:22:38	6:01:24	7:13:22
13	5:01:11	6:13:14	11:29:21	12:07:18	4:21:55	6:00:33	7:12:34
14	5:01:29	6:13:35	11:29:05	12:07:04	4:21:13	5:59:43	7:11:47
15	5:01:48	6:13:56	11:28:50	12:06:50	4:20:32	5:58:54	7:11:01
16	5:02:07	6:14:18	11:28:35	12:06:37	4:19:50	5:58:06	7:10:15
17	5:02:26	6:14:41	11:28:21	12:06:24	4:19:10	5:57:18	7:09:31
18	5:02:45	6:15:03	11:28:07	12:06:12	4:18:29	5:56:31	7:08:48
19	5:03:05	6:15:27	11:27:54	12:06:01	4:17:49	5:55:45	7:08:05
20	5:03:25	6:15:51	11:27:41	12:05:50	4:17:10	5:54:59	7:07:24
21	5:03:45	6:16:15	11:27:29	12:05:40	4:16:31	5:54:15	7:06:43
22	5:04:06	6:16:40	11:27:17	12:05:30	4:15:53	5:53:31	7:06:04
23	5:04:27	6:17:05	11:27:06	12:05:21	4:15:16	5:52:48	7:05:25
24	5:04:48	6:17:31	11:26:56	12:05:13	4:14:39	5:52:06	7:04:48
25	5:05:10	6:17:57	11:26:46	12:05:06	4:14:03	5:51:25	7:04:12
26	5:05:32	6:18:24	11:26:37	12:04:59	4:13:27	5:50:45	7:03:36
27	5:05:54	6:18:51	11:26:29	12:04:53	4:12:53	5:50:06	7:03:02
28	5:06:17	6:19:19	11:26:21	12:04:47	4:12:19	5:49:28	7:02:30

نوٹ: عرفات جي لاءِ متئين ڏنل وقتن ۾ 32 سيڪنڊ گهٽ ڪريو.